

الا ! جهري ۾ شال غريبن جي جهوپڙي !

—" بيوس "



"شام" — فوتو: نورالدين سركي



"صبح" — فوتو: سراج

# "مهراڻ"

-تلڪ چاڙهي، حيدرآباد (سنڌ).

ساليانو چندو ۱۰-۰-۰ روپيا.    في ڪاپي ۲-۸-۰ روپيا.

اشتهار في صفحو ۳۰-۰-۰ روپيا.

Edited, Printed and Published by Mohammed Ibrahim M. Joyo B. A., B. T., Secretary, the Sindhi Adabi Board, at the Board's Printing Press and Book Stall, Tilak Incline, Hyderabad (Sind).

جمل فقير

# ڏنگايون

زُلفَ ڏِنگا، آبْروُء ڏنگا، گفتار ڏِنگي، رفتار ڏِنگي -
جنهن جاء هوندا اهي چار ڏنگا، لاچار هوندي هرڪار ڏِنگي.
ڪيئن آچي تنهن جاء جميعت، شهر سڄو پُر شور شَرر -
جت يار ڏِنگو، آغيار ڏِنگو، دِهْدار ڏِنگو، بازار ڏِنگي.
ڪير ڪنهن جو فرياد سڻي، ۽ ڪير ڪنهن جو ڪو داد ڪري -
جت سُوار ڏنگو، سالار ڏنگو، دستار ڏِنگي، تلوار ڏِنگي.
ڪيئن آچي ڪم راس تَنهين جاء، سمجهه سخن، ڪر هوش "جمل" -
ڪوٽار ڏِنگو، ڪمدار ڏِنگو، سختيار ڏِنگو، سرڪار ڏِنگي.

جنهين کون ويک جمعيت ٿيوي، سڄڻ سدا سو آوي: تين من ڀاوي
سور کنون وڃ نور نيلي، ٽر ڀير آڳڻ تي ڀاوي: تين من ڀاوي
قدم قدم تون پدم تصدق، جنهين دم دوست هلاوي: تين من ڀاوي
"حمل" نال حجاب ڦٽا ڪر، ڪر ڪي ڪرم آلاوي: تين من ڀاوي

هردم حمد هزار ڪران، ول دلبر جي دل ڳنڍي: سهڻجون سڏي
ميهڙون منڊي ڪول ڀهي، آءِ اِٿ اوطاقان آڏي: سهڻجون سڏي
مثل مسيحا مرو ٻانڌي، ول هڏ جيواني جنڊي: سهڻجون سڏي
"حمل" دي حق تعاليٰ شالا بخت ڪري ول وڏي: سهڻجون سڏي

خوب ٿيوان خوشنود ڀهون، محبوب منڊي من ڀاوي:
مٺن ڪن دوست جنهين دم آوي
ٿيوي راحت روح منڊي کون، درد تنهين دم جاوي:
مٺن ڪن دوست جنهين دم آوي
دشمن دي دل داغ ٿيوي، وچ غم دي غوطي کاوي:
مٺن ڪن دوست جنهين دم آوي
آک "حمل"! حق تعاليٰ کون، تان پير رقيب نه ڀاوي:
مٺن ڪن دوست جنهين دم آوي

سڄڻ آوي سڀ سک ٿيون، وڃن ڏک ڏولاوي: ڀر جي آوي
سوز فراقان ساڙ سڃيي، سي سک ٿيون ول ساوي: ڀر جي آوي
هڪ دم دلبر قول ڀهي، ڪل درد، الم، غم جاوي: ڀر جي آوي
"حمل" حمد هزارين ڪر، چا نال ڳجهي ڳل لاوي: ڀر جي آوي

دنيا کي مخاطب ٿي چيو شاعرِ نوخيز،
"موضوع ڏيو، پوءِ ڏسو سنهنجي ذڪاوت"—
شاعر کي تڏهن دنيا ڏني هيءَ ورائي:
"آ توکي نه موضوع جي، پر دل جي ضرورت!"
— آر. ڊبليو. گيلڊر

"ميرل"

سانون ايهن ڪيتا قرار - آيا عشق ٿيا اظهار.

١- عشق دا اندر ٻڌيا ٺڪاڻا، سرس سيني وچ سور ساماڻا،
کهمندي کهنيان بازار - آيا عشق ٿيا اظهار.

٢- عشق اندر وچ مسجد ٺاهي، سجدي دي وچ پيؤن سر نوائي،
تڪبيران دي تار - آيا عشق ٿيا اظهار.

٣- عشق اندر وچ کوڙيا خيمان، ماس بدن دا بڻ گيا قيمان،
ڏڙ سسي کنون ڏار - آيا عشق ٿيا اظهار.

٤- عشق دي اهيدي بلند هي بازي، "ميرل" ڪٽي جنهن سو ممتازي،
ڏونهين جڳ جنسار - آيا عشق ٿيا اظهار.

حافظ محمد احسن

دوست نه ٿي دم ڏار - هوت الاجي چاهي حياتي!

١- وات وڃڻ جي ڪر نه وائي، کهوٽ سدا ڪڏ کهار -
محب متان ٿئي منهنجي مماتي!

٢- ڏينهن ڏکن جا ڏاڍا ڏنا مون، سور سٺم صد بار -
ڇيهون ڇهون ٿي وئي ڇاتي!

٣- ورهيه لنگهي ويا ويٺين وساري، واڳ وصل جي ڪا وار -
تنهنجي ڏسڻ لئي دلڙي آتي!

٤- ديد ڏيکاري دلڙي ڦُري وئين، دُور رهئين دلدار -
ڳالهه اها مون اڳ نه ڄُٺي ڄاتي!

٥- ڏيهه سڄوئي ڏوري ڏٺو مون، ڪونه تنهنجو مَٽ يار -
لَٺوُ نه سڄڻ مون تو سان لاٿي!

٦- "احسن" جومج عرض الله لڳ، وارث ڪين وسار -
جالب پاڻي وچ جُودَون جهاتي!

"راز" بلڙائي

گهوريو وڇوڙو، اي يار،
واڳون وار وطن تي!

١- سڪڙا اوهان جا ساريو ساريان، رويو روز ٿي راهون لهاريان،
هيٺي هڇايان هار.

٢- جانب جهوري ٿي سون جدائي، محب ملي ڪر پنهنجي پلائي،
دوست ڏ ٿي دم ڏار.

٣- هانڊي روبو روز هڇايان، ٿورا تنهنجا ڪين ڪي لاهيان،
جي محب ملين هڪوار.

٤- يار ڪهنڪهر ۾ "راز" تو گهاري، تنهن ڪي ڇڏ تون ڪين وساري،
لهه ساجن سڪيڙي سار.

شيخ "اياز"

## وائي

تنهنجي ڳولا تنهنجون ڳالهيون صبح و شام -
مون کي ہل ہل ہور تنهنجي پيار جا!
تنهنجون اکڙيون منهنجي ڏاهپ جون ڏيائيون ٿيون مدام -
مون کي ہل ہل ہور تنهنجي پيار جا!
رات مون کي چنڊ پهچايو هيو تنهنجو پيام -
مون کي ہل ہل ہور تنهنجي پيار جا!
مون پرهه جي هير کي ساجهر ڏنا تولئي سلام -
مون کي ہل ہل ہور تنهنجي پيار جا!
روح ۾ خيما کتا تنهنجا - مگر تنهنجو قيام ؟
مون کي ہل ہل ہور تنهنجي پيار جا!
اجنبي مون لئيءَ هيا پنهنجا پرايا، خاص و عام -
مون کي ہل ہل ہور تنهنجي پيار جا!
هر تصور، هر تخئيل زندگيءَ کان انتقام -
مون کي ہل ہل ہور تنهنجي پيار جا!
تنهنجي ڳولا تنهنجون ڳالهيون صبح و شام -
مون کي ہل ہل ہور تنهنجي پيار جا!

# گيت

شيخ "اياز"

پيئو، پيئو، پيئو، ڙي يار!
جيئو، جيئو، جيئو، ڙي يار!
پيئو ڙي يار! جيئو ڙي يار!

ڏينهن به ساڳيا، لينهن به ساڳيا، مند به ساڳي، مينهن به ساڳيا:
ڪنهن جا ڪنهن جا ڏک ساريندؤ، ڪيسين گذريءَ ۾ گهاريندؤ:
مَي آ وِهَ جو وِهَ تي وارُ!
پيئو، ڙي يار! جيئو، ڙي يار!

چنڊ به ساڳيو، رات به ساڳي، بوند به ۽ برسات به ساڳي:
هر شيءِ ۾ ڪا ياد رهي ٿي، ڏاهپ جنهن جا ڏنگ سهي ٿي:
ڏک جي ڏولي، سُک جي سار!
پيئو، ڙي يار! جيئو، ڙي يار!

روپ به پل لَيءِ رنگ به پل لَيءِ. سات به پل لَيءِ سنگ به پل لَيءِ:
هار به پل ليءِ جيت به پل لَيءِ، مٺڙا مٺڙا ميت به پل ليءِ:
جڳ ٿي پل جو آهي پسار!
پيئو، ڙي يار! جيئو، ڙي يار!

پيار پکيشڙو هو پرڏيهي، آيو هو پڃري ۾ پيهي:
اڄ جي اڏري ويو ٿي پار، چو نہ پکيڙيو پيا ڪي ڄار!
ڪيئي پکيشڙا، لک هزار!
پيئو، ڙي يار! جيئو، ڙي يار!

مکڙيون ميڙي ڍير لڳايو، ستيءَ چڙڪايو، ساز وڄايو:
ناچ وڄهو، ڪهنگهرو ڇمڪايو، ڳايو، ڳايو، غم کي کهايو:
ٽهڪو، ڇهڪو، ٻهڪو يارا
پيئو، ڙي يارا جيئو، ڙي يارا

( ٢ )

- هاءِ حياتي! هي ٿوهر جو وڻ!

جڏهن اٿيون کهنگهور ڪهٽائون، جڏهن وسيو ساوڻ،
هاءِ سندس ٻالهون ڦهلائڻ، هاءِ سندس اڻ تڻ!
سنهي سنهي برسات، آلا، هوءَ ڇاتِ، اها ڇڻ ڇڻ!
نيري آپ ۾ نهي ڊهي ويا، ڇڻ ڪکرين جا ڏڻ،
وٺي ٻڪڙجي ٻوٽي ٻوٽي، آڪليا آنَ جا مڻ!
وڙَ وڄهندي وڄ آئي، ٻل ليءَ واجهايو واهڻ،
کهرائي ۾ لهرائي جڻ صحرائي نانگڻ!
ليڻ نيڻ مان لشي لهاريو، کهلندو رهيو ڏکڻ،
دور دور تان ديدون آيون جنڊڙيءَ ۾ جهلڪڻ!
هاءِ اهو هن ويراني جو ويرم لٿي وسرڻ!
کهڙي ٻلڪ لٿي سج جي پيڙيءَ جو جهڙ کي جهاڳڻ:
پوءِ ته اهائي تيز تپت ۽ جيري جو جرڪڻ-
نه کي ڦاڻ ڦولڻ آ ان ۾، نه کي جهاڻ جهولڻ!
- هاءِ حياتي! هي ٿوهر جو وڻ!

## رات جا راهي

آنڌيري رات جا راهي!
ٿين ڇا ڪاڻ ٿو ساهي؟
اڃا منزل صبح جي ڏور لاهي.

آڪا†، آڪاس جا آسون آگهي ويٺي،
ڏئي ٿي سسڪندڙ هيرَن کي دلداري،
ڏري ٿيندي وڃي ٿي هر گهڙيءَ ڪان پوءِ،
فضا جي بي قراري، آهَه ۽ زاري؛
اُتي جي اوت مان ساٿي!
ذرا ڀاڻي جهَڪي جهاتي،
لڳون ٿو لوڙ واجهائي،
اڃا منزل صبح جي دور لاهي.

ستل ساگر سنهيون هي مست ڇوليون پيئي،
سکهو ڀاسا متّائي ڪرَ ۽ موڙينه يون،
آٿاربندي اچي بلبل ٻـ ٻولن ڪـي،
هٿي شبنم، اکيون مکڙيون ۽ ڪولينه يون؛
اڃو ٿو مچ ٻٿي ماري،
ڪڏي ڪرڻ سندي جاري،
ڀڪي تارن جا ٿاسائي،
اڃا منزل صبح جي دور لاهي.

ڏيابل ۽ جهُڪايل سرَ ڪري اوچا،
ڪـڙا اڄ ڪيت ٿيندا، فصل جهوليندا،
ڪلي ٻولڙيون جڳت جون چُپ زبانون پيئي،
متابل ظلم جا، انصاف طلبيندا؛
نہ رهندو راڄ اوندهه جو،
اٿي هرڪو ڪڙو ٿيندو،
ستّل تقدير جاڳائي،
اڃا منزل صبح جي دور لاهي.

† آڪا = پربات

**عارف المولي**

اچ مسافر يار تون موٽي،
اچ مسافر يارا
ڏينهن گهڻيرا ڏک ۾ گهاريم، سورن سالڪ بڻايو؛
روز روئاڻو ٿو رت ڳاڙائون، سُونتن ۾ منهن ساڙيو؛
تن من ۾ آ تنهنجي سڄڻا، ٿهڏل تات تنوارا
آهٽ تي ڪنَ، در ڏي دلڙي، اکيون راهه نهارن؛
لوڪ سُتي جو ليڪا پائن، جاڳيو جتر ٿيون هارن؛
ڪڙ موڙيو، بدلايو پاسا، پلپل ڪيان پڪارا
ٽولڻ فالون پايان پلپل، ڪوڙين ڪانگ اڏايان؛
جتر تي جاڻون باسيتم بيحد، ساڻوءَ سور سٺايان؛
پورب ٽولڻ پنڌ پڄايم، ووڙيم سڀ وڻڪارا
سيڪندي سارو ساوڻ گذريو، سرءِ وئي منجهه سورن؛
سرديون سُڏڪي مون سڀ ڪاٽيون، پاهه ٽيڪس منجهه پورن؛
الب پوکيا ۽ سرهه ڦلاري، لاٿي برهه بهارا
هڪ پيرو جي پورل ايندين، تو سان سور سلينديس؛
لڪ ڪنَدي تنذرالي خاطر، سر پي سُڻت ڏينديس؛
من ۾ ٽولڻ محل اڏايم، پنبڻين پير پڌارا
اچ ته هلون هي ڏيهه ڇڏي، پرڏيهي ڏيهه وسايون؛
هڪ ٻئي سان اوراليا اوريون، سُک ۽ سُور سٺايون؛
ڏک ڏوراپا ڏيون ڪڏ «عارف»، ڪريون پرت پچارا
مسافر،
اچ مکهو تون يارا

**سراج الحق**

## تنهنجي ياد جو آئي...... سڄڻا!

ڏهن ۾ اپريا چند ستارا—
ماڪ پري ڪا مکڙي،
جڻ ته ڪلي ڪومائي!
تنهنجي ياد جو آئي ...... سڄڻا!

هيوا ياد ھر ھر سنيھا-
وير چوهي اسنگن جي،
ھر مڏڪن ساھ پرجي!
تنهنجي ياد جو آئي ...... مٺڙا!

لينهن جي گهاون کان گهايل ٿي-
جڻ ڪا ڪوئل ڪوڪي،
دل منهنجي ائين ڦڪي!
تنهنجي ياد جو آئي ...... مٺڙا!

مَنَ ساگر ۾ آندي آئي-
آس جي ٻولاڏي آئوي،
لهري ڪَنَ ۾ ڦالي!
تنهنجي ياد جو آئي ...... مٺڙا!

آهَه رُلي، لڙڪن آهَه پري-
گهاوَ سوين ھيا آڪوي،
دل جي دنيا اجڙوي!
تنهنجي ياد جو آئي ...... مٺڙا!

من ڏسڪيو، آ شا ٽوٽي-
آس جي شمع اجهاڻي،
لڇندي رات وهاڻي!
تنهنجي ياد جو آئي ...... مٺڙا!

"تاج" صحرائي

## آواز ته ڏي

منزل مون کان آهي دور،
ساحل مون کان آهي دور،
رات انڌاري ڪاري ڪاري،
آءٌ اڪيلو دلها ساري-
سائي، مون کي آواز ته ڏي!

بس هن دليا آهه ستايو،
ٻارن غيرن آهه تپايو،
جنهن ٻه ڏلو تنهن آهي ورايو،
پنهنجو پنهنجو اڄ پرايو؛
رات انڌاري ڪاري ڪاري،
آءٌ اڪيلو دليا ساري -
سائي، مون کي آواز تہ ڏي!

هر طرف آ خوف انڌيرو،
ڪير آ تنهنجو ڪير آ منهنجو،
ڪير تو پڪڙي دامن ڪنهن جو،
ڪير پرينده ڇولو پنهنجو؛
رات انڌاري ڪاري ڪاري،
آءٌ اڪيلو دليا ساري -
سائي، مون کي آواز تہ ڏي!

تون مون کان ڪيڏو آهين پري،
مان تو کان ڪيڏو آهيان پري،
ڪير نہ سائي ڪوہہ نہ راهي،
ياد ٻہ تنهنجي آهي آئي -
رات انڌاري ڪاري ڪاري،
آءٌ اڪيلو دليا ساري -
سائي، مون کي آواز تہ ڏي!

ماسٽر محمد صالح "سهيو"

## پرديسي پرينءَ ڏانهن

ڪيئي لنگهي ويا آرهڙ آهن، ڪيئي لنگهي ويا سيارا -
پر آئين تون نہ پيارا!

سرءُ موني آئي سهڻا، آئي منھ بهار،
آيو موني سانوڻ آهي، مينهن ڪيئي وسڪار،

ٻاجهر ٽڪي، ٻيها اڏيا، آئي ٻوڙي جهار،
ولر ڪري ڏس وهيا آيا، ڪريو ڀٽن قطار،
ان ڀچي آهي راس ٿيو، مستان ٻنجي ويا لاٻارا —
ڀر آئين تون نه پيارا!

مند بهاري موٽي آئي، بلبل ٻوري آئي،
"ٻون ٻون" جي ٻڪار گلن تي ڀورن آهي لائي،
"پي پي" آهه پپيهي لائي، "ڪوڪو" قمريءَ ڳائي،
سڀڪو اڄ ٿو سرهو ڏسجي، ڳٽي ڪنهن نه ڪائي،
آءٌ آپا ڳي ڦالون ٿو لئي روز وڃهايان ڏارا —
ڀر آئين تون نه پيارا!

ٿار ٻڌا ٿيا هرلا چالو، سڀڪو هر ٿو ڪاهي،
ڪيڙوڻ ٻڏي هرڪو هاري ٻنا ٻارا ڊاهي،
ڪڙيا ڪسيون اڏون لائڪا، هرڪو ٻنهنجا لاهي،
ڪڙمي هرڪو ڪرت ڪري ٿو، ويٺو والدو ناهي،
ٻل ٻل توکي، او ٻرديسي، سڏ ڪيم سؤ وارا —
ڀر آئين تون نه پيارا!

ڪٽڪوڻ ٻوڪيوڻ، چاليا چاوا، ساوڪ ٿي چوڌاري،
ساوا پيلا گل سرهن جا، جهومن ٻيا جنساري،
آءٌ ني هڪڙي آهيان ڏولڻ، ڳٽين تنهنجي ڳاري،
مٺا مدائي معاف ڪري اڄ "صالح" جي توڻ ساري،
تو بن گذرن منهنجا هتڙي ڏاڍا ڏينهن ڏکارا —
ڀر آئين توڻ نه پيارا!

**محمد خان "غني"**

اڄها منزل ويجهي آئي، ڪول مسافر اڪيون!
اڄهو هي نڪتو وهاڻو تارو، اڄهو ٿيو جڳ روشن سارو —
تن لاٿن جهرمر لائي،
جيڪي ڀري ڀري ٿي ٻڪيون!

هاڻي هڪ نئون دور اچي ٿو، دنيا ۾ ڪو رنگ رچي ٿو-
هر جا ٻيئي اهڙي واڻي،
اِهي لٽڪائون لٽڪيون.

رحمت جا ٿا بادل برسن، تل ترايون، سڀ ٿا ڀرجن-
وريو ٻڏن واڏائي،
ٻنيون ٻارا ٻڪيون!

ٻري ٻري ٿي سڄڻ سڻائون، آخر آن ڪي ڳولي لڌائون-
سڪ ٿي تن جي سجاڻي،
سهج ماڻينديون سڪيون!

رات ”غني“ هئي ڪاري، سفر جي سختي ڀاري ڀاري-
آئي ٻار ٻجائي،
تو ٿي آسُون رکيون!

## چيچ

شيخ ”اياز“

اڙي چنڊ، اڙي چنڊ، ٻرين تو ته ڏٺو ناهه؟
سنڌس روپ سنڌس رنگ، ائين آهه جيئن تون!

اڙي رات، اڙي رات، ٻرين تو ته ڏٺو لاهه؟
سنڌس وار، سنڌن ولگ، ائين آهه جيئن تون!

اڙي ڦول، اڙي ڦول، ٻرين تو ته ڏٺو لاهه؟
سنڌس رنگ، سنڌس انگ، ائين آهه جيئن تون!

اڙي هير، اڙي هير، ٻرين تو ته ڏٺو لاهه؟
سنڌس سات، سنڌس سنگ، ائين آهه جيئن تون!

اڙي لالگ، اڙي لالگ، ٻرين تو ته ڏٺو لاهه؟
سنڌ ۾ ڏاهه، سنڌس ڏنگ، ائين آهه جيئن تون!

آلاپ: هيء ڙي لڪيو...!

١- لڪڻ واري تان لڪي ڇڏيو - هيء ڙي لڪيو!
٢- لڪڻ وارو تان پالڻ مري - هيء ڙي لڪيو!
٣- هنئين ۾ تس، ناهي مان جو وس - هيء ڙي لڪيو!
٤- سَمُهلو ڀاڙو، ڇغلو ڇاڙو - هيء ڙي لڪيو!
٥- چوري جا ڏند، هنئين جا بند - هيء ڙي لڪيو!
٦- سائي ته صدري، سون جا بيڙا - هيء ڙي لڪيو!

[سمهلو = سامهون؛ تس = پياس.]

## وَلاڙو

هن جهولڪار جي نالي مان معلوم ٿئي ٿو ته هيءَ ڏراڙن جو گيت آهي ۽ مال کي وراڻڻ، ڪڏ ڪرڻ ۽ ڳوٺ طرف ڪاهڻ وقت ڳائيندا آهن.

معنوي لحاظ مان هيءَ پڻ مشتاق جي ملڻ لاءِ هڪ عاشق جو آلاپ آهي:

آلاپ: ولو ڙي ولاڙو

١- چاڙهيم دانگي، آيا سِر جا سانگي - ولو ڙي ولاڙو...
٢- هڙ ۾ ڦونا، چورا الدر جا ڪونا - ولو ڙي ولاڙو...
٣- وڃي ٽيا ٻري، هنيون ڳيتن ۾ ڳري - ولو ڙي ولاڙو...
٤- هل ته هلون 'لاري'، ڪري بڳو اٺ پاڙي - ولو ڙي ولاڙو...
٥- هل ته هلون 'اڪڙي'، ڪري ڪاڏي ٽڪڙي - ولو ڙي ولاڙو...
٦- جمعا ڙي جت ڙي! رڻان پئي رت ڙي - ولو ڙي ولاڙو...

# نظم

## گوورڌن محبوباڻي "ڀارتي"

### رات - راڻي

شام ويراڳڻ جڏهن پوشاڪ جوڳڻ جي ڪري،
جوڳ جوڻ ۾ وڃي، پنڇي پکين ڪان پري؛
ليل - مندر ۾ جڏهن تو ديپ ٻهريون ٿي ٻري،
پيٽ ڪو بادل ڏري ٿو، سونَ جي جهولي ڀري—
آن سمي آڪاس ۾ آڏلندي اچي ٿي راتڙي،
هير جي جهنڪار تي لڏندي اچي ٿي راتڙي.

ڪاري ٻوٽيءَ جي مٿان چمڪي ستارن جيئن لَڙي،
جنهن اندر ٿي حسن پنهنجي کي لڪائي راتڙي؛
شرم جي ماري، لچاري، ٿي هلي چپ چپ ڪري،
چورُ نظرن سان نهاري، شاعرن جي دل هَري —
«کول گهونگهٽ، رات - راڻي! حسن جو ديدار ڏي،
مست جوڀن - پشپ جي، مون ڀولر کي مهڪار ڏي!"

غيب جي اڙدي ٻنيان ڪوئي وڄائي ساز ٿو،
ساز سان سنگيت جو مٺڙو اچي آواز ٿو؛
راتڙي ساقي بڻي، لچندي اچي ٿي ناز سان،
ناز سان، انداز سان، پڻ ڪنهن الوکي راز سان —
هر شرابي شوق سان نيڻن سندا پيالا جهلي،
رت ٿي تن ۾ خماري جام اوتيندي هلي.

«ترس! ڪيڏانهن ٿي وڃين؟ مون کي به ٻورو جام ڏي،
آهه! اکڙين کي چُمي، او دلربا! آرام ڏي!
پيار سان آغوش ۾، مون کي دپائين ڇو نه ٿي؟
سيرُ سندم او رات! سيني سان لڳائين ڇو نه ٿي؟
لوڏ جوڀن جي هندوري ۾ اچي ٻاڪر ٻري،
حسن جي آغوش ۾ مدهوش جڏ مون کي ڪري"!

چنجو وڃي سڄڻ کي: «سوڍل، ٿيءُ ڪجهه سياڻو،
«جوڀن جهُري رهيو آ، ڪامي اِجهو سو ڪاڻو،
«مومل مري رهي آ، ڇڏ ميندرا، ٿون ماڻو،
«هيءَ منڌ آ مياڻ جي، لهنديس ڪڏهن سان لاڏون؟»
او سانوڻي گهٽائون!

هيرون ٿڌيون ٿڌيون هي، تن تي چڙهي ٻوان مان،
خوشبو ٻڻي گلن جي، آڏري مٿي وڃان مان،
ٻريتر وڃي ٻسان مان، دامن سندس وٺان مان،
هيڪر هلو آڏائي، دم دم ڪنديس دعائون:
او سانوڻي گهٽائون!

<u>شيخ "اياز"</u>

سيڪا مومل سيڪا راڻو —

پنهنجي پنهنجي ڪاڪ سين ڪي!

لوڪ بہ سڀ ڪي مرڪ بہ سڀ ڪي،
سونهن پياري سُرڪ بہ سڀ ڪي،
پيار بہ سڀ ڪي ڀور بہ سڀ ڪي،
نينهن ڏلا لاسور بہ سڀ ڪي،
هار بہ سڀ ڪي جيت بہ سڀ ڪي،
مٺڙا مٺڙا ميت بہ سڀ ڪي،
سڀ ڪي ڳوڙها ۽ ڳاراڻو :
سيڪا مومل سيڪو راڻو —

پنهنجي پنهنجي ڪاڪ سين ڪي!

( ٢ )

سوچو آهہ انهيءَ تي ڪڏهين هن چاڪيءَ جي ڏالدا!
اکيون بہ هن جون بند، تہ آهي جسم هن جو بالد،
ٻني سڄي آ هن جي ٽَٽ ٽَٽ، سَٽ سِٽ جي آراند —
سوچو آهہ انهيءَ تي ڪڏهين هن ويهي هيڪالدا!

( ٦ )

هرڻ اکيون توکان وتيون،
توکان پريا تارا، کتيون،
تنهنجي مَهَڪَ جون ٿيون پتيون،
مشڪ ۽ عنبر، بو يون، بتيون،
سرهاڻ جي تون کاڻ آن،
توکان رُتيون، آهن رتيون:

اي پدمڻي، هيري ڪڻي،
عشوو سنڌ ۽ جادوگري!

( ٧ )

تنهنجي مَهَڪَ بادِ صبا،
۽ سرڪَ مان موتي ٿيا،
تنهنجي رنگت مان ٿي حينا،
مشڪڻ منجهان گلڙا ٿويا،
چهري منجهان چالڊاڻ ٿي،
قوس و قزح، تنهنجي آدا:

اي پدمڻي، هيري ڪڻي،
عشوو سنڌ ۽ جادوگري!

( ٨ )

ڳوڙها سنڌ ۽ دُرِ عدن،
آهون سنڌ ۽ خارا شکن،
غصو تہ چڻ بادل ڳجن،
تنهنجو سڏڪون، تو بہ شڪن،
تخليق جو تون مختصر،
تو ۾ ٿا عالم رقص ڪن:

اي پدمڻي، هيري ڪڻي،
عشوو سنڌ ۽ جادوگري!

( ٩ )

تنهنجي حياتي مهربان،
تنهنجي مماتي جاودان،
آ ماستا تنهنجو جهان،
تنهنجي نيکُهہ جنت نشان،
تو ۾ محبت جو خمير،
آ دل سنڌ ۽ گوهر فشان:

اي پدمڻي، هيري ڪڻي،
عشوو سنڌ ۽ جادوگري!

( ١٠ )

تون پيڪرِ پاکيزگي،
سيرت ۾ سهڻي، سادگي،
صورت ۾ تنهنجي زندگي،
تون عالمِ آزادگي،
تون خالقِ فکر و نظر،
توکان ملي تابندگي:

اي پدمڻي، هيري ڪڻي،
عشوو سنڌ ۽ جادوگري!

جوانيون اوت ۾ ويهي، سليند يون راز الفت جا؛
ولڏيندا درد هڪ ٻئي سان، ويهي دمساز الفت جا؛
ڪنڌن ڪرڙن منجهان ايندا، مٺا آواز الفت جا؛
ليون لائيون سٽائيندبون، "گدائي" ساز الفت جا؛
مزو بي اختيار ايندو!
ٿرن تي ٿيندا وسڪارا، سنگهارن ۾ سڪار ايندو؛
بهار ايندو، قرار ايندو!

"پرده" سنڌي

"سڏ"

غمن ۾ گذاريندي، او سائيو!
سکن ڏي نهاريندي، او سائيو!
لنگهي ويا ورهه ۾ وڏايون نه آيون؛
اڃا ٻي قدر ٿا لهه اڳتي وڏايون؛
آهن سور پنهنجا، هي سيني سان لايون؛
امن جا، صلح جا اچو گيت ڳايون!
وسائل شمع سک جي ٻيهر جلايون؛
ڇپيون ظلم جون بس، اجهائيون اجهائيون!
اچو آج تہ مهراڻ ۾ موج آئيون!

او سائي! اجهو هو آڏي ڪات ڏس!
۽ وحشين جو رت سان ڀريل وات ڏس!
ڇڏي ساه جو سالڳ بي ليازٿي آج؛
اڄ ٻيڙ ۾ سنڌڙيءَ جو بس ناز ٿي آج؛
نہ ٿي سرڻ ۽ ڳجهه، تون شهباز ٿي آج؛
امن جي فرشتي جو آواز ٿي آج؛
لکن انقلابن جو پرواز ٿي آج؛
پلارا ڪري پاڳ پوه ماڳ مائيون!
اچو اج تہ مهراڻ ۾ موج آئيون!

وطن جا اي معمار، اوري اچو!
ڪريون ڀاڻ ۾ ڀيار، اوري اچو!
لٽڻ لئي نئين لات سان ساز ڇيڙيون؛
اچو دل تان غم جي ترانن کي ٽيڙيون؛
خوشيءَ جا رُڳا راڳ، جڳ ۾ پکيڙيون؛
جي لڪڙي ويا نغما سي سالڊيون سهيڙيون؛
رڪن دل ٿا داٿا ڪريل، هي ٻه ميڙيون؛
آهن ٻٽ جون ليڙون، ٻوءِ ڇاجي ڀُرائيون!
اچو اَج تہ مهراڻ ۾ موج آڻيون!

نہ ڀُٽ تي وجهايو، نہ پاهان هلو!
هلو، وک وڌايو، اڳاهان هلو!
رهيل گيت ڳائي ڪپائي ڇڏيون آج؛
هي الفت جو ناتو لپائي ڇڏيون آج؛
مڇي پاڻ "برده" ملهائي ڇڏيون آج؛
ستايائون، تن کي ستائي ڇڏيون آج؛
مريٽي، امر خود کي بنائي ڇڏيون آج؛
ڇو جيڙا رهون هت، سهي حاڪمائيون؟
اچو اَج تہ مهراڻ ۾ موج آڻيون!

ابن حيات "پنهور"

## روڪيندا ڇا زر جا غلام

عظمتِ انسان منهنجو ترام،
شوڪتِ انسان منهنجو ڪلام.
هاڻ سڀن کي پئي خبر آ،
عزت لائق آهي عوام.
جي نہ مڃيندا هيءَ حقيقت،
آيو تن لئي موت پيام.
صديون گذريون سهندي سهندي،
آخر ڦاٿا پنهنجي دام.

# نيون طرزون

نارائڻ "شيام" (سانيٽ)

## ڏڌو چانور ٻار

مان اڪيلي نه هيس، هاءِ! اڪيلي نه هيس،
توکي محسوس ڪيم پنهنجي بدن ۾، اي لال!
تنهنجي چُر پُر کي مون سمجهيو ٿي، گهيلي نه هيس،
دل وسوڙل ٿي خوشيءَ سان وَ ٿي مالا مال!

جئن نه مُکڙو بن جي هجي ٻار سان پاري ناري،
۽ سندن ڦول ٿيڻ لاءِ جا ٻي چين هُجي،
مون کي بس ڪَرَ پَتوتي پاسي ٿي دنيا ساري،
جَنم ڏيڻي کي ڏيڻ لاءِ جا ٻي چَين هجي!

تنهنجي آجيان ڪرڻ ڪاڻ مون جوڙيون لوليون،
هاڄ ٻي هاج سنهي لات ڪري پئي ڳاتيون،
پنهنجي لولين ۾ مڙ هيم تنهنجون الوليون ٻوليون،
ڪيترو تنهنجي ڏسڻ لئي هُيون اڪرويون آنيون!

آئين جڳ ۾ تہ سهي، پر نہ سگهئين ساهہ کڻي،
هاءِ! مان توکي ڇٽي پي نہ سگهيس ماءُ ٻڻي!

بشير موريائي (سانيٽ)

## تنهنجو غم

سندم وجود تي تنهنجي ئي غم جو ڇانءُ آ!
عجيب سات آ جنهن جو، عجيب صورت آ!

ـهي تنهنجي غم جو آ ڀاڱو يا تنهنجي مورت آ؟
جي آهي ڀاڱو تہ مون ساڻ ڀو سدا ڇو آ؟
خيال تنهنجو ڪيان ٿو، هي سامهون آهي؛
تون ياد ڪالهہ اچين ٿي، مگر هي آ موجود؛
خوشي ڪسي ٿو ۽ مون کي ڪري ڇڏيو نابود؛
ـ مگر تڏهن بہ الائي ڇو هڪ سڪون آهي!

جي سچ ڇڄين تہ مون تو کان بہ غم پسند ڪيو!
تون سهڻي آهين ۽ تو کان بہ سهڻو تنهنجو غم،
جهان جا ياد ڏياري ٿو جيڪو رنج الم؛
مون تنهنجي پيار کي دنيا جي غم ۾ بند ڪيو-
جي سچ ڇڄين تہ الهيءَ تي مون کي خوشي آهي،
ـ اهوئي غم تہ محبت جي زندگي آهي!

**نارائڻ ”شيام“** (ترائيل)

مان اِها ڳالهہ اچا ناهيان سکيو ويچاري،
آهہ اِن چنڊ جي ڪارڻ جو کهڙو ڪارڻ؟
ڪهڙي ڪارڻ سندس سولهن سموري ڪاري،
مان اِها ڳالهہ اچا ناهيان سکيو ويچاري!
شيام! گنگا ٿي سدا جنهن کي هٿي وهنجاري،
جنهن کي مستڪ تي مهاديو ڪيو ليتُ ڌارڻ،
مان اِها ڳالهہ اچا ناهيان سکيو ويچاري،
آهہ ان چنڊ جي ڪارڻ جو کهڙو ڪارڻ؟

## گوورڌن محبوباڻي "پارتي"

هاڻ پيڙهين جي پراڻي ڏُنِ مٽايون ٿا اسين،
اڄ نوان نغما نون ساز تي ڳايون ٿا اسين.

ڏس! قضا آهي نئين، آهي هوا جو رخ نئون،
رُتِ نئين آهي، نئين محفل سجايون ٿا اسين.

ٿا اٿن دل ۾ نوان آدرشا، نوان جذبا ڪٿين،
ڪنهن طرح تن کي نه پلجي پيي دٻايون ٿا اسين.

اڄ، افق مان او نوان سورج! نيون ڀاڪون ڪڍي،
آءُ، تنهنجي راهه ۾ پلڪون وڇايون ٿا اسين.

ڳُلُ ڪري طوفان مان تهذيب ڪُهنيءَ جا ڏِيا،
آدميت جي نئين جوتي جڳايون ٿا اسين.

امن ائٽم مان قائم ڪين ٿيي سگهندو ڪڏهن،
صلح جو پيغام دنيا کي سڻايون ٿا اسين.

هيءَ ستايل ۽ ڏُکي پورهيت اٿئي جوالا مُکي،
خوف ڪر پونجي پتي! توکي چتايون ٿا اسين.

هر سمي انسان کي تقدير دوکو آ ڏنو،
تنهنڪري تدبير کي اڄ آزمايون ٿا اسين.

مشڪلاتن ۾ ٻــ مُرڪڻ مَرڪَ مردن جو ٿيو،
ڪين ڪشٽن کان ڏجي آنسون وهايون ٿا اسين.

زندگي دل کي لڳي پياري گلابي گل جيان،
ڪين ڪنڊن کان تڏهن دامن بچايون ٿا اسين.

زندگانين کي اجاڙي، حسن کي ننگو ڪري،
ڪين لاشن ۽ جنازن کي سجايون ٿا اسين.

"پارتي"! ڍاهي پراڻا گهر، نگر، جهونو نظام،
هاڻ دنيا ۾ نئين دنيا بڻايون ٿا اسين.

نارائڻ "شيام"

ڪَرَ موڙي ٿو عروج، زوال آهه بس اِيال،
پهتو خيال تـوڙ تـي، نـظـرن ۾ آهـه حال.

سج آيرندي ٿي رات جي اوندهه تہ ختم ٿي،
ڪهڙ آهه روشني سو تہ آهي الڳ سوال.

آيـو نـہ مـوت مهل تـي، آيـو هينئر تـہ ڇا،
اڳـ ۾ جيئڻ محال هو ۽ اڄ مرڻ محال.

آيو ڪٿان؟ هو ڪير؟ ۽ ڪيڏالهن ويو هليو؟
ڪنهن کـي ڏسي حيات بـڻـي منتظر سوال؟

ڪم ڪهڙي سان ويس پئي ڪيڏانهن ۽ ڪٿان؟
آيو خيال ڪنهن جو؟ ٻڌيس "شيام"! بي خيال.

عبدالحليم "جوش"

## نيرنگ خيال

چنڊ عـذاب ۽ ثواب جـون ڳالهيون،
واعـظـا، ڪـر شراب جـون ڳالهيون.

هجرِ جانان جي دردمندن وٽ، ڪر اِ زاهد عذاب جون ڳالهيون.
برقِ بيتاب آسمان تـي ڪيون، دلِ پُر اضطراب جون ڳالهيون.
شبِ مهتاب ۾ ٿيون لطف ڏين، غـيـرتِ آفـتـاب جون ڳالهيون.
هام هيڻن حسرتن جو خون ٿئي! وصل جي شب حجاب جون ڳالهيون!
زاهدا، تون ۽ حور و باغِ جنان، ٿيون لڳن چڻ تہ خواب جون ڳالهيون.
امـن غـائب، سڪون عنقا ٿيو، چوطرف پيچ و تاب جون ڳالهيون.
واعظن کـان زمـالـو تنگ آيو، روز يوم الحساب جون ڳالهيون.
"جوش" ڪير آهي جو ڪري مون جان، درد جون، اضطراب جون ڳالهيون.

## حسيني حافظ شاهہ

ڏک درد سوين سور ۽ سختين جو ثمر طئي،
هي منهنجي پڄاڻِ لاءِ ڏنو آهي وڪر طئي.

پيا ڇهڪ چڪي ڇور ڪيو ڇت کي ڇريو تن،
ڇا خوب سڄڻ جي ڪئي منزل آ اظر طئي.

جوڳن جي طرح جوڳ وڄهي ٽالڪو لسنگ ٿي،
تو لئي تہ مٺا مون ڪيا هينِ ڪيئي ڏگر طئي.

سر ست ۾ ڏيڻ ساه ڪرڻ صدقي سهڻي تان،
هيءَ عشق جي منزل ڪندو ڪو مرد مگر طئي.

ويو جان جسو جيرا ٻڪيون جيءَ جلي اڄ،
ڇا حال سندم آه ڪندو سوزِ جگر طئي.

"حافظ" ڪي جدائيءَ جا لڳن منت ورهيہ ٿا،
آ چشمِ زدن ۾ ڪريون صد ساله سفر طئي.




"وڍيل ٽي وايون ڪري، ڪٺل ڪوڪاري!"

— چترڪار: ظفرعلي شاهه

ڊرائنگ ماستر، اين. جي. وي. هاءِ سڪول، ڪراچي.

## قصيدو

"ٻرده" سنڌي

### مادر وطن

اي سنڌ! اي مادر وطن!
قربان توتان جان و تن!
فردوس آ تنهنجو صحن!
اي واديء رشڪِ عدن!

تنهنجي فضائن ۾ سحر، تنهنجي هوائن ۾ عطر،
آ هير سنڌوءَ ۾ اثر، ۽ وهه بهارن ۾ سرور!
تنهنجو "لطيف" ارجمند، تارن کي جنهن وجهي ڪمند،
روشن ڪيا اسان جا رلد، آ "شاه" تي مون کي غرور!
تنهنجي سباجهي ٻولڙي، تنهنجي ٻلاري جهولڙي، ٻُر ڪيف تنهنجي لولڙي!
اي سنڌ! اي مادر وطن!

اي "سنڌ" اي خواجا خضر،
ٿي ڪيميا تنهنجي نظر،
تنهنجي ادائن ۾ ثمر،
تنهنجي نگاهن ۾ گهر،
تنهنجي ٿي چولين ۾ چمن، تنهنجي ٿي موجن مان ميلن،
ٻاڻهي اچي ٻاهر پون، هي لعل ۽ هيرا هزار!
سوني سموهي تا ڪين، ڏينهن رات محنت ۾ گهن،
ان ڏوجري ۾ ٿي رهن، والدا لٿا ويهن ونجهار.
تنهنجي سباجهي ٻولڙي، تنهنجي ٻلاري جهولڙي، ٻُرڪيف تنهنجي لولڙي!
اي سنڌ! اي مادر وطن!

اي واديء شاداب تون،
اي ديس لاجواب تون،
اي سر زمين آداب تون،
اسلام جو آن باب تون،
سُک جي تون ڪائنات آن، ڪنهن مهلقا جي جهات آن،
سهڻي "سچل" جي لات آن، گيتن جو آهين ديس تون!

# آزاد نظم

شيخ "اياز"

( ١ )

اسان لنڊ جا ليڙ آهيون، پرين!
سُتي ساهه جاڳي،
وڃي دور دور،
ستارا لتاڙي اسان جو شعور؛
سوين چنڊ ساڻي،
ڪتين جا سوين قافلا رهگذر ۾،
سفر ۾،
سوين ڪائناتون،
نہ آغاز جن جو نہ انجام جن جو،
زمان ۽ مڪان ڪان مسلسل لڄاتون،
ازل ڪان ابد تائين سڪ جون براتون:
جڏهن موٽ ڪائون،
سوين راز آئيون،
سوين ساز جي لاءِ آواز آئيون،
سوين چنڊ چايون،
ستارا تڳايون،
الهن سان اچي جڳ سڄو جڳمڳايون،
ـ اسان جاڳ جا ڀاڳ آهيون، پرين!

( ٢ )

هرڻ هنيلا
ڊوڙي ڊوڙي، ٿڪجي ٿڪجي،
ڪنهن وڻ هيٺان ويٺا سوچن!

"ساري هستي ريتيءَ تي رڃ،
"اڄ جي وِهڻ ٻِنّ ڪجهہ بہ نہ حاصل!
"هاءِ ستم، جو عمر ڪٽي سي،
"بوند بولد لَيءِ ٻڪي ٻڪي،
"ڊوڙي ڊوڙي، ٿڪجي ٿڪجي!"

هرڻ هنيلا،
ويٺا سوچن.

ڪنهن هن واريءَ جي ويڌي ۾،
لهندي سج جي ٽِڪّ جَڙي آ؟
آهہ ڪٿي سو ازلي وينجهر!

ليري آپ سان چنڊ ستارا،
ڪرن اشارا؛

ساهه سنيها پاڻي تن جا،
چال هٽي من ٻهچي تن وٽ.
بسنت ـ رت جي ٻاڪ ـ ڦٽيءَ ۾

هير ڏڪڻ جي هنج ۾ پنهنجي،
اهنج مٽائي، من ريجهائي:
کهڙي نہ ڪذري ـ ساڳا ڪرتا،
سج جون ٻرڇيون،
رڃ جو اولو،
اڄ ۽ جهولو،

# ٢

## افسانا


١. ”ڪاري“ — گوورڌن محبوباڻي

٢. هڪ ڪردار، سو افسانا — مس شمس صديقي

٣. ۽ مکڙي مرجهائجي ويئي — حفيظ شيخ

٤. ديوتا ۽ انسان — سراج الحق

٥. زن طلاق — ابن حيات پنهور

٦. حسرت — بارام وڪل

٧. لُڙڪ ۽ مُرڪ — محمد يعقوب ”نياز“

٨. انڌيرنگري (سرائڪيءَ ۾) — برده سنڌي

٩. وناز دنس سنڌيڪار: ڪمل ڪيولراماڻي ”پياسي“


## ناٽڪ


١. آزاديءَ ڏانهن...... — محمد ابراهيم جويو


## هڪ ڏينهن جي ڳالهه


امير ماڙهو — سراج الحق

– جڏهن جنگ جون هولناڪيون پوري عروج تي هيون، جڏهن نڪي ٻاهران
گرم ٽوپلا ٿي اچي سگهيا، نڪي هتي ايتريون مشينون هيون، جن کي ٽوپلن ٺاهڻ
جي فرصت هجي، تڏهن بزار ۾ هڪ نئين قسم جا ٽوپلا نظر آيا– ۽ اهي هئا اڻ ڪتيل
اُن مان ٺهيل – جهڙا گهوڙن جا تل!

سمجهجي ٿو، ته ويچارو انسان شروع ۾ انهن تي ڪندو هو، مگر هو مجبور ٿيو ته
انهن جون خاميون سڌاري کين مفيد ترين بنائي – ۽ انهيءَ جو نتيجو ٿيو ڪارخاني جا
ٺاهيل خوبصورت، نرم ۽ گرم ٽوپلا – جي جيترو آهن دلپسند اوترو آهن مفيد!

اسين افسانا يا آکاڻيون ڇا لاءِ ٿا لکون؟ هن لاءِ، ته زندگيءَ جي عڪاسي ڪريون:
هن جا اهي پهلو، پڻ انسان جي اکين اڳيان اهڙيءَ طرح سان آڻيون، جو هو انهن
کي وري وري پڙهن ۽ وساري نه سگهن، جي عام طرح هو ڏسن ٿا ۽ وسارين ٿا!
مگر اهي نظارا جيڪڏهن جيئن آهن تيئن پيش ڪبا، ته ساڳيا جنگي ٽوپلن جهڙا
ٿيندا، پر جي انهن کي ٺاهي، سوڌي، دلپسند، دلچسپ ۽ دلفريب طرز سان
پيش ڪنداسون ته سندن فائدو نهايت گهڻو ۽ جٽادار ٿيندو.

– ۽ ڪامياب افسانه نگار اهو آهي، جو واقعات کي اهڙيءَ طرح سان پيش ڪري، جي
دل ۾ کپي وڃن، ۽ دل چاهي ته انهن کي ور ور ڏيئي پڙهجي!




"بیجان جسم"

— چترکار : مس مسعودہ ہر آزی

منهنجو دوست هڪدم آهي ڪان لڪري ويو: ”تڏهن گهڻو ڏيان؟“

ملاح وري به همت ڪندي، ٿورو مرڪندي چيو: ”سائين، اسين مسڪين ماڻهو آهيون- اوهين سدائين ساوا...... ڏيڻ تي اچو ته جيڪر سڀو ڪجهه ڏيو...... آءٌ ائين آلي ماڻهوءَ ڪان هڪ ڪوڏي به گهٽ ڪين وٺندس-!“

”هل ڙي ٻڪيا...... هلي، وڏو آيو آهي اٽ آلا ماڻهو وٺڻ وارو...... وٺو هجني ته وٽ ا ته مٿو له ڪاٽ!“

”سائين، سڀڪو پنهنجو اني ڀاڱ تو ڪائي- اوهين امير ماڻهو آهيو......“

”هل ڙي امير جا پٽ...... وڏو آيو آهي اني ڀاڱ ڪاڻڻ وارو......“

ائين چوندي منهنجو دوست هن غريب تي ننهه چڙهي ويو. پر- چار ٽڪڙون هٿي ڪڍيائينس- ۽ پوءِ شوڪجي ٿوڪجي چيائين: ”اچو ته هلون. چڏيو آلوءَ جي...... ڪي- چڙهي آڱوٺي تي......!“

هيءَ حال ڏسي آءٌ حيران ٿي ويس: ڪيڏانهن هيترا اڻلڳا خرچ، ڪيڏانهن هڪڙي غريب جي اٺ آن جي ڳالهه!

—سراج



# ٣


میر علي شیر "قانع" ٺٽوي — سید حسام الدین راشدي

"مڪلي نامہ" — میر علي شیر "قانع"
مرتب : سید حسام الدین راشدي

"مهراڻ" جا موتي — اداره

ادبي خط — شیخ راز، شیخ حفیظ، مس شمس صدیقي،
بشیر موریاڻي

سنڌي نثر مان مثالي ٽڪرا

لاڙڪاڻي ادبي ڪانفرنس
١. ڪارروائي
٢. ٺهراءُ
٣. صدارتي تقرير — ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

پڙهندڙن جا پيغام

آديسي آئي ويا (حافظ حيات شاهه ۽ "فاني") — اداره

تبصرا — اداره

دنيا جي جن عظيم انسانن، دنيا کي جهالت ۽ وحشت جي اونداهه مان ڪڍي، علم ۽ تهذيب جي روشنيءَ ۾ آندو آهي؛ جن هستين دنيا کي ذلت جي هاڃيءَ مان ڪڍي عظمت جي آسمان تي رسايو آهي — اهي ئي باعزم انسان آهن، جن جون اکيون حقيقت شناس آهن: جي ڪائنات ۽ دنيا کي الهيءَ نور رنگ ۾ ڏسن ٿا، جنهن ۾ ڪيس "ڪامل ڪاريگر" پيدا ڪيو آهي. هنن کي هر هنڌ الهي ڪامل حسن جو سچ جلوو ڪندو نظر ٿو اچي، جنهن جا ڪرڻا روشنيءَ ۽ نور، خوشيءَ ۽ اميد جو پيغام آڻين ٿا. هو انهن ماڻهن وانگر نه آهن، جن کي هر هنڌ بدصورتيءَ ۽ برائيءَ کان سواءِ ڪجهه نظر ئي نٿو اچي؛ بلڪ هو خوشيءَ ۽ اطمينان کان چمڪندڙ نوراني چهرا آهن، جن تي نظر پوندي ئي هر ٿڪل ٽٽل ۽ پريشان حال ماڻهوءَ کي خوشي ۽ تسڪين حاصل ٿئي ٿي! انهن جي مقابلي ۾، هزارين اهڙا زاهد خشڪ آهن، جي هميشه پيءَ دنيا جي ڏپ ۽ عذاب کان ڊيڄاري، هن دنيا جي مهاڄار مان نڪرڻ جون صلاحون پيا ڏيندا، پر ڪائنات هن زندگيءَ لاءِ ايترو نه ٿو پڄي، جو پنهنجي مرڪ مان ڪنهن ڪومايل چهري کي شاداب بنائين؛ ڪنهن دل ٽٽل کي همت ڏياري، اميد ۽ آس جو رستو ڏيکارين! — ڊاڪٽر مارڊن

سيد حسام الدين راشدي

# مير علي شير قانع ٺٽوي

## خانداني پس منظر

مير علي شير پنهنجو نسبي سلسلو هن طرح بيان ڪيو آهي: مير علي شير، بن سيد عزت الله، بن سيد محمد ڪاظم، بن سيد محمد مقيم، بن سيد ظهيرالدين ثاني، بن سيد شڪرالله ثاني، بن سيد ظهيرالدين والاسلام المعروف به سيه جادر اول، بن سيد قاضي شڪرالله شيرازي، بن سيد وجهه الدين، بن سيد نعمت الله، بن سيد عرب شاه، بن امير سيد نسيم الدين محمد المعروف به مير ميرڪ شاه، بن امير سيد عطاالله جمال الدين محدث، بن امير سيد فضل الله المحدث الحسيني الدشتڪي* الشيرازي.

مير صاحب پنهنجن مڙين بزرگن جو ذڪر "تحفة الڪرام" جي ٽئي جلد ۽ "مقالات الشعرا" ۾، پنهنجي سوانح جي ضمن ۾ ڪيو آهي. "تحفة الڪرام" جي ٽئين جلد ۾، قاضي سيد شڪرالله اول کان وٺي پاڻ تائين، خاندان جي سنڌي افرادن جو احوال لکيو اٿس.

پنهنجن ايراني بزرگن جي سلسلي ۾، مير صاحب جا ماخذ تاريخ "حبيب السير"، "هفت اقليم" ۽ "مجالس المومنين" آهن، جن تان هن صاحب پنهنجا خاندالي حالات نقل ڪيا آهن.

مناسب آهي ته مير صاحب جي سوانح حيات سندس بزرگن جي مختصر احوال سان شروع ڪئي وڃي، تاڪ پڙهندڙ مير صاحب جي حالات پڙهڻ کان اڳ، سندس خانوادي جو علمي پس منظر ذهن نشين ڪن.

(١) السيد الجليل امير اصيل الدين عبدالله (بن سيد عبدالرحمان، بن سيد عبداللطيف، بن سيد جلال الدين يحيىٰ محمد الحسيني) تفسير، حديث، ۽ فن انشا جو جيد عالم ۽ پنهنجي زماني جو فاضل ترين بزرگ هو. "حبيب السير" جي مصنف، جنهن ادب ۽ احترام سان هن بزرگ جو ذڪر ڪيو آهي، اهو سندس ئي لفظن ۾ پڙهڻ جي لائق آهي.

---

* "دشتڪ" شيراز جي هڪ الهيءَ محلي جو نالو هو، جنهن ۾ اهي بزرگ رهندا هئا. هن وقت شهر جي الهيءَ حصي کي "لب آب" سڏيو وڃي ٿو.

ـ« بصفت اصالت و وفور جلالت و لباهت شان، و قدم دودمان موصوف و معروف بود، و بوفور زهد و تقوي و دينداري و غايت ديانت و پرهيزگاري، از اکثر علما و سادات بني آدم ممتاز و مستثني مينمود. زبان گهرافشانش مفسر حقايق صحف آسماني، و بيان بلاغت نشانش مبين دقايق کتب سبحاني، باطن خجسته ميامنش مظهر آثار ولايت و رشاد، و خاطر فرخنده مآثرش مهبط انوار هدايت و ارشاد، و بي شائبهٔ مدح گستري آن مهر شريعت پروري، در علم تفسير و حديث و انشا و تاليف شبيه و نظير نداشت.» *

سيد صاحب، سلطان ابوسعيد جي زماني (٨٥٥-٨٧٢هـ) ۾، شيراز کان لڏي هرات ۾ اچي مقيم ٿيو، ۽ بادشاه جي تحريک تي هفتي ۾ هڪ دفعو مدرسهٔ گوهرشاد آغا ۾ وعظ فرمائيندو هو. اهڙيءَ طرح، هر سال ربيع الاول جي مهيني ۾ ميلاد جي مجلس منعقد ڪري، حضور جن جي سيرت پاڪ اهڙي دلنشين پيرايي ۾ بيان فرمائيندو هو، جو سامعين جي تاثر جي ڪيفيت ڏسڻ وٽان ٿيندي هئي †. سندس تصنيفات ۾ هيٺين ٻن ڪتابن شهرت دوام حاصل ڪئي:

(١) «شرح درج الدرر» (يا «سير سنيهٔ خير البشر»)

(٢) «کتاب مزارات هرات.»

پوئين ڪتاب لاءِ صاحب «حبيب السير» جو قول آهي ته

ـ« درميان افاضل اقطار جهان مشهور است، و صحت روايت و بلاغت عبارت آن نسخه برالسنه و افواه خلايق مذکور.»

سيد صاحب جو انتقال، سلطان حسين بايقرا جي دور ۾، ١٧ جمادي الاخر (††) سنه ٨٠٣هـ ۾ ٿيو. سلطان حسين سندس اولاد لاءِ جاگيرون مقرر ڪيون، مير علي شير سندس ٻن فرزندن جو نالو ڪنيو آهي: سيد صفي الدين محمد ۽ سيد برهان الدين محمد.

(٢) سيد الحکما و المدققين امير صدرالدين محمد شيرازي («ابوالمعالي» ڪنيت؛ «صدرالعلما» ۽ «صدرالحقيقة» لقب): سندس والد جو نالو امير غياث الدين منصور هو، جنهن لاءِ حبيب السير جي مصنف جو قول آهي ته

ـ« درسلک سادات عالي نسب مملکت فارس انتظام داشت، و مرجع اشراف داعيان بوده؛ پيوسته نقش خيرخواهي بر الواح خواطر آدميان مي نگاشت.»

* «حبيب السير» ج ٣، جز ٣، ص ٣٣٥؛ «مجالس المومنين»، مجلس پنجم، ص ٢٢٦.

† «حبيب السير» ج ٣، جز ٣، ص ٣٣٥؛ «هفت اقليم»، ص ٢٦١، مطبوعه بنگال ايشياٽڪ سوسائٽي، ڪلڪته.

(††) «مجالس المومنين» ۾ ربيع الاول لکيل آهي، ص ٢٢٦

—"ظاهرش بتقويٰ و تشرع و تدريس، و باطن بسلوک راه فقر و سبيل سنت اجداد مصروف بود."*

سيد ظهيرالدين، ٻه فرزند يادگار ڇڏيا: هڪ سيد شڪرالله ثاني ۽ ٻيو سيد عبدالرحمان. مير علي شير قانع، سيد ظهيرالدين جي وڏي فرزند سيد شڪرالله ثانيءَ جي اولاد مان آهي- جنهن طرح ابتدا ۾ اسان شجرهءِ نسب ۾ ڄاڻائي آيا آهيون.

## مير علي شير "قانع"

ولادت: مير عزت الله بن سيد محمد ڪاظم، بن سيد محمد مقيم، بن سيد ظهيرالدين ثاني، بن سيد شڪر الله ثانيءَ کي، ڇهه پٽ ٿيا: سيد فخرالدين، سيد يارمحمد، سيد محمد امين، سيد محمد صلاح، سيد مير ضياءُالدين "ضيا"، ۽ مير علي شير "قانع". مير علي شير ١١٤٠ هه ۾ اکيون کوليون- "خلق انسانا من السلالہ" مان اهو سال بر آمد ٿئي ٿو.

اهو زمانو، ميان نورمحمد جي حڪومت جو هو- ڪيس پنهنجي والد ميان يارمحمد ڪلهوڙي جي مسند تي ويٺي پورا ڏهه ورهه ٿيا هئا، جو مير صاحب ڄائو.

هندستان جي مغل سلطنت جو شيرازو، عالمگير جي وفات کان پوءِ، ڪثيرالتعداد شاهزادن جي باهمي خون خرابي ۽ هڪ ٻئي سان جنگ و جدل، منتشر ڪري ڇڏيو هو- جنهنڪري مرڪزي حڪومت جو ڪوبه وقار باقي ڪونه بچيو هو، ۽ هندستان جي متحد سلطنت ٽڪرا ٽڪرا ٿي، مختلف خود مختيار رياستن ۾ ورهائجي چڪي هئي.

سنڌ جو به تعلق تقريباً ڏيڍ سؤ سالن کان دهليءَ جي مغليه مرڪز سان هو. تنهنڪري هتي جون حالتون به ٻارهين صديءَ جي شروع کان ئي بدلجي چڪيون هيون. سنڌ تي دهليءَ کان ايندڙ گورنر، مرڪزي بادشاهت جي روزانه تبديلين سبب، پنهنجي قوت ۽ اقتدار جنهن جي آڌار تي سنڌ سندن قبضي ۾ رهندي ٿي آئي، وڃائي ويٺا هئا، ۽ نتيجو اهو نڪتو، جو سنڌ ۾ مرڪز کان آزاد ٿيڻ جي تحريڪ شروع ٿي. ڪلهوڙن جي هڪ مقامي خاندان، جنهن کي نه فقط زميداري زور ۽ قبيلي جي قوت پٺيان هئي، بلڪ پيريءَ ۽ روحاني رهبريءَ سبب به سڄيءَ سنڌ تي تسلط حاصل هو- آزاديءَ جي انهيءَ تحريڪ ۾ پلئون پل حصو ورتو.

مغل سلطنت جي ڪمزوريءَ ۽ انتظامي ابتريءَ جو فائدو وٺندي، سڀ کان پهريون ميان يارمحمد اتر سنڌ جو پاسو مرڪز کان ساليانيءَ ڏل تي وٺي، پنهنجي قبضي ۾ ڪيو: جنهن کان پوءِ سندس جاءِ نشين، ميان نورمحمد لوور سنڌ به ساڳين شرطن تي حاصل ڪري، ملڪي آزاديءَ واري خواب کي تعبير بخشيو.

---

* "تحفة الڪرام"، ج ٣، ص ١٩٥.

# مکلي نامہ

تصنيف

سير علي شير "قانع" تتوي - المتوفي ١٢٠٣هہ

بتصحيح

سيد حسام الدين راشدي

## غزل

بر روی زمین عکسِ وی افتاده چمن شد
از گرمیء غیرت عرقي کرده سمن شد
میخواسته دلگیريء من جای پناهش
غمهاي جهان جمع شده خاکِ وطن شد
افسوس که اندر چمنِ دهر پس از سال
بر قامتِ گل جامه بریدند کفن شد
یک جلوه ز بیرنگيء او جلوه گرفته
لیلي بعرب گشته و در هند دمن شد
دامي ز پيء صیدِ دلِ خلق تنیدند
بر ابروئي چین گشته و در زلف شکن شد
اسرارِ ازل جوش زده از برِ دلها
اندر دهنِ شاعرِ خوش لهجه سخن شد
"قانع"! درِ کثرت چو زده وحدتِ ذاتش
در بصره حسَن شد، به یمن ویسِ قرن شد

ضروري ڄاڻي ۽ مقبرن جا فوٽا به شامل ڪيا ويا آهن، تاڪ پڙهندڙ تذڪري
مان ڪن انهن تاريخي عمارتن جون تصويرون به ڏسن. مڪليءَ جو هڪ نقشو پڻ شامل ڪيو
ويو آهي، جنهن مان انهن مقبرن ۽ آثارن جي جاءِ وقوع معلوم ڪري سگهجي ٿي. اهو
نقشو ۽ انهن فوٽن مان ڪيترا فوٽا، محڪمءِ آثار قديمه مان حاصل ڪيا ويا آهن، جنهن لاءِ
آءٌ محڪمي جي ڊائريڪٽر مونشور ڪوريل (Mons, R. Curiel) ۽ آفيس سپريڊنٽ مسٽر
محمد ادريس جو ٿورائتو آهيان- انهن ٻنهي صاحبن نه فقط اهي فوٽا ڏنا، بلڪ مون سان ڪڏ جي
انهيءَ سلسلي ۾ ٻه-ٽي دفعا مڪليءَ تي به هليا.

پروفن پڙهڻ ۽ ڇپائڻ جي ذميواري ۽ بار بوجهه، سڄو منهنجي دوست عزيز مسٽر
محمد ابراهيم جويي پنهنجي سر تي سٺو، جنهن جو پڻ آءٌ ممنون ۽ مشڪور آهيان.

ڪراچي،
٦ جولاءِ، ١٩٥٦ع

-حسام الدين راشدي



مڪليءَ جو عام منظر (عيسيٰ ترخان جي مقبري کان)





"سڪلي نامہ" جو پهريون ۽ پويون صفحو
بخط مير علي شير "قانع"



شاهه مراد شيرازيءَ جو قبرستان



جامع مسجد، مکلي



ڄام نظام الدين جو مقبرو



مرزا عيسيٰ ترخان (ثاني) جو مقبرو



سيد علي شيرازيءَ جو مقبرو





١ . جاني بيگ جو مقبرو

٢ . طغرل بيگ جو مقبرو

٣ . باقي بيگ جو مقبرو

٤ . جان بابا جو مقبرو

٥ . شرفا خان جو مقبرو

٦ . سلطان ابراهيم ۽ امير سلطان محمد جا مقبرا

٧ . شاهه عبدالله صاحب جي مزار

٨ . محمد باقيءَ جو مقبرو

٩ . عيسيٰ خان اول جو مقبرو

١٠. شيخ جيئي جو مقبرو

١١. ڪاؤس سلطانيءَ جو مقبرو

١٢. مير سليمان جو مقبرو

١٣. جام مبارڪ خان جو مقبرو

١٤. جام سڪندر شاهه جو مقبرو

١٥. تاج الدين ملڪ جو مقبرو

١٦. فتح خان جي همشيره جو مقبرو

١٧. جام نظام الدين جو مقبرو

١٨. سيد علي شيرازيءَ جو مقبرو

١٩. شاهه مراد جو مقبرو

٢٠. شيخ عيسيٰ لنگوٽيءَ جو مقبرو

* عيسيٰ خان ثاني جو مقبرو

٢١. جنگشاهي ڪان ايندڙ پڪو رستو

٢٢. ڪراچي ڪان ايندڙ رستو

٢٣. ٺٽي ڪان ايندڙ رستو

# سورهين سنڌي ادبي ڪانفرنس جي ڪارروائي

سورهين سنڌي ادبي ڪانفرنس جناح باغ، لاڙڪاڻي ۾ تاريخ ٩- ١٠ ۽ ١١ اپريل ١٩٥٦ع تي منعقد ٿي. سنڌ مان نه فقط اديب، مگر سنڌي زبان جا گهڻگهرا ۽ قومي ڪارڪن پڻ اچي شامل ٿيا هئا. سنڌي زبان بابت عام راءِ کي، هن ڪانفرنس ذريعي ظاهر ڪرڻ جي ليڪ مقصد، هن موقعي تي لاڙڪاڻي جي سياسي رقابت کي به عارضي طور ختم ڪري ڇڏيو هو، ۽ محمد ايوب کهڙي توڙي قاضي فضل الله جي طرفن جا ماڻهو ڪارڪنن جي حيثيت ۾ گڏجي ڪم ڪري رهيا هئا. ڪانفرنس جي انتظام توڙي اجلاسن ۾، نوجوانن جو وڏو هٿ هو، ۽ هيءَ ڪانفرنس سنڌ جي نوجوان طبقي جي همت ۽ سنجيدگيءَ جو بهترين آئينو هئي.

ڪانفرنس جو پهريون اجلاس ٩ تاريخ ٥ بجي زير صدارت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ شروع ٿيو. جنرل سيڪريٽري مسٽر عبدالغفور پرڪڙيءَ ڪانفرنس جي پروگرام تي روشني وڌي ۽ استقباليه ڪميٽي جي چيئرمن مسٽر علي گوهر کهڙي، پنهنجو 'خطبہ استقباليہ' پيش ڪيو، جنهن ۾ هن صاحب چيو ته "مادري زبان جي ڏکوئيندڙ پڪار کان متاثر ٿيندي، سنڌ جو هر فرد رنجيده ٿي چڪو آهي، ۽ هر طرف کان صدائي احتجاج بلند آهي. اهڙيءَ گهڙيءَ ۾ لاڙڪاڻي واسين سورهينءَ سنڌي ادبي ڪانفرنس کي عملي صورت ڏيئي، سنڌيءَ جي شيدائن خاطر هڪ ميدان پيدا ڪيو آهي."

ان بعد، جنرل سيڪريٽريءَ ڪانفرنس آڏو جناب علامه آءِ. آءِ. قاضي، وائيس چانسيلر، سنڌ يونيورسٽي جو بصيرت افروز پيغام پڙهي ٻڌايو، جنهن ۾ آخري طور هي سبق پيش ڪيل هو ته "سنڌي ٻولي فقط ايستائين زنده رهي سگهي ٿي، جيستائين اوهين زنده آهيو، ۽ هڪ صحتمند زندگي گذاري رهيا آهيو........جڏهين اوهان پنهنجي شاندار ماضيءَ مان سبق حاصل ڪرڻ ڇڏي ڏيندا، ۽ پنهنجي فڪر ۽ قوت تخليق ذريعي، نون خيالن پيدا ڪرڻ جي بدران محض جامد جسم بنجي ويندا، تڏهين قانون فطرت مطابق نه توهين رهندا، ۽ نه توهان جي ٻولي!"

ان بعد هن ڪانفرنس جي صدر، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، پنهنجو عالمانه خطبو پيش ڪيو، جنهن ۾ هن صاحب سنڌيءَ جي تاريخي، علمي ۽ تمدني اهميت تي روشني وڌي؛ ۽ اسلامي تاريخ ۽ روايات، توڙي يورپ جي تاريخي تجربي جي بنا تي ثابت ڪيو، ته جيئن ڪنهن به قوم کي گهڻي وقت تائين غلام نٿو رکي سگهجي، تيئن ڪنهن ٻوليءَ کي به ملڪ

سنڌي ٻوليءَ کي بهترين ماحول هوندي ۽ گهٽ ۾ گهٽ پنج هزار ورهيه لهڻ ۾ لڳا آهن. ان جي تشڪيل ۽ ترقي هڪ اهڙي خطي ۾ ٿي، جو اقتصادي لحاظ سان ٻاهر جو محتاج نه هو، ۽ هتي جي زندگيءَ جون ضرورتون خود هتي جي باشندن جي هٿان پوريون ٿي ٿيون ـ مثلاً دنيا جا ڪي ڀاڱا ڪپهه پيدا ڪن ٿا، ڪي چانور پيدا ڪن ٿا، ته ڪي ڪڻڪ اپائين ٿا؛ مگر سنڌ اهي سڀئي اپائي ٿي. انهيءَ ڪري قديم وقت کان وٺي، اقتصادي طور سنڌ پنهنجو پاڻ مڪمل ۽ خود ـ ڪافي ڀاڱو ٿي رهي آهي.

تقريباً ٽيرهن سؤ سال اڳ، سنڌ کي تهذيب ۽ تمدن جو تڪميلي پيغام ٻاهران پهتو، جنهن کي هن ملڪ سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ ان کي اڳتي وڌايو، ۽ ان جو ڦل حاصل ڪيو. اهو سڀ ڪجهه سنڌ اهڙيءَ ته خوش اسلوبيءَ سان ڪيو، جنهن جو مثال هتي جو ڪو پيو صوبو پيش ٿي نٿو ڪري سگهي. انهيءَ حاصلات جو نتيجو هڪ طرف "لطيف" ۽ سندس پيغام آهي، ته ٻئي طرف سنڌي ٻولي جا هزارين ٻهاڪا آهن، جن جي رمزن ۽ اشارن ۾ دانائي سمايل آهي، ۽ جي دنيا جي مهذب ترين ٻولين جي ٻهاڪن جي پيٽ ۾ هڪ امتيازي درجو رکن ٿا.

تقريبا ڏيڍ سؤ سال اڳ، سنڌي ٻولي توڙي سنڌ جا باشندا هر نڪتي کان دنيا ۾ ٻرک هئا. وڏي ۾ وڏا شاعر، عالم، گرامر جا ماهر، ۽ لغت نويس هن ننڍڙي اراضيءَ مان طلب ڪيا ويندا هئا. فقط پوين ڏيڍ سؤ سالن ۾ ٿي ڌارين جي غلاميءَ سببان، سنڌ جي ترقي ختم ٿي چڪي آهي. هاڻي اهو اوهان جي همت ۽ حوصلي تي منحصر آهي، جو اوهان سنڌ جي زندگيءَ ۽ اجتماعي خوبين کي وري نئين سر جياريو، ۽ سنڌ جي باشندن ۾ فڪر عمل ۽ مقصد جي وحدت ۽ يگانگي پيدا ڪريو، چو ته انهيءَ وحدت ۽ يگانگيءَ کان سواءِ ڪنهن به قوم يا ٻوليءَ جو اسرڻ محال آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي بقاءَ ۽ بچاءَ واسطي ٻين اڳيان هٿ ڊگهيرڻ حماقت آهي. ڀانيو، سنڌي ٻولي فقط ايستائين زنده رهي سگهي ٿي، جيستائين اوهين زنده آهيو، ۽ هڪ صحتمند زندگي گذاري رهيا آهيو. حقيقت ۾ سنڌ اڄ به اوهان جي طفيل زنده ناهي، مگر اهي، جي ٻه سؤ ورهيه اڳ جيئرا هئا، تن خاطر پٺي پساه کڻي؛ سنڌ انهن جي نيڪين سببان ٽڪي رهي آهي، ۽ نه اسان جي عملن ڪري. جڏهين اوهان پنهنجي شاندار ماضيءَ مان سبق حاصل ڪرڻ ڇڏي ڏيندا، ۽ پنهنجي فڪر ۽ قوت تخليق ذريعي نون خيالن پيدا ڪرڻ جي بدران، محض جامد جسم بنجي ويندا، تڏهين قانون فطرت مطابق نه توهين رهندا، نه توهان جي ٻولي. ڪوبه سياستدان يا داناءُ انهيءَ حالت ۾ اوهان کي جياري نه سگهندو، ۽ ازلي آواز صدا ڏيندو ته "ظالم قوم کي پري ڪيو وڃي" ـ "فبعدا للقوم الظالمين" ـ !

شال ڌڻي تعاليٰ اهڙو ڏينهن نه ڏيکاري ـ آمين.

چندر بوس برما فرنٽ تي قومي فوج ٺاهي، جنهن جي ٻيرائيءَ سان انگريزي فوجن جي مقابلي جا سانباها ٺهي ڪيا، ان وقت فقط سنڌ ۾ ئي پير پاڳارو صبغت الله شاه اڪيلي سر باغي هو، جو جارج ڇهين خلاف بغاوت جي الزام ۾ سر ڏيڻي سرهو ٿيو. حُرن مجاهدن بغاوت ۾ گوريلا لڙائيءَ سان انگريزي فوجن جو مقابلو ڪيو. سنڌ سان سڄا سارا ۱۲ مهينا "مارشل لا" لاڳو هو، جو انگريزن جي تسلط جي تاريخ ۾ اڪيلو مثال آهي. آخر ۾ هي وري هڪ حسن اتفاق آهي، جو پاڪستان تحريڪ کي سنڌ جي سر زمين جي هڪ فرزند، قائد اعظم محمد علي جناح ئي ڪامياب بڻايو.

حضرات، قومي آزاديءَ خاطر سنڌ وارن جي ڪيل جدوجهد جا اهي محض ڪي نمايان خط و خال آهن. اسان ڪي پوري تحقيق ڪري، انهن جو تفصيل لکڻو آهي، ۽ انهيءَ تصوير جي حسن کي چمڪائڻو آهي.

آخر ۾ آءٌ منتظمين ڪانفرنس جو مشڪور آهيان، جن ڪانفرنس جي صدارت لاءِ مون ناچيز کي منتخب ڪيو؛ ۽ اوهان ڀينرن ۽ ڀائرن جو احسانمند آهيان، جو اوهان بي انتها صبر ۽ سڪوت سان، ڪافي دير تائين منهنجي هن خشڪ خطاب کي ڪن ڏيئي ٻڌو آهي.

# ”مهراڻ“ ۾ اشتهارن جا اگهه

| | |
|---|---|
| رواجي – سڄو صفحو | ٣٠٠ رپيا |
| اڌ ” | ١٧٥ ” |
| پاءُ ” | ١٠٠ ” |

(سڄي سال جي معاهدي لاءِ ١٥ سيڪڙو لاٿ ڏني ويندي)

| | |
|---|---|
| خاص – ڪور جو پٺيون صفحو | ٥٠٠ رپيا |
| سرورق جو اندريون صفحو | ٤٥٠ ” |
| پٺين ڪور جو اندريون صفحو | ٤٠٠ ” |

* هرهڪ رنگ لاءِ ٢٥ سيڪڙو وڌيڪ.
* رنگين ڇپائيءَ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ سڄو صفحو قبول ڪيو ويندو.
* سرورق لاءِ اشتهار نه ورتو.

* * * * * *

”مهراڻ“ ۾ اشتهار ڏيڻ
پنهنجي واپار ۽ تجارت کي چمڪائڻ برابر آهي

RESEA... ...ARY
INSTIT... ...LOGY
UNI: OF S... JAMSHORO.